محمود ڏاهري

# دادو سنت جو جيون چرتر

## (راءِ بهادر ڪوڙيمل چندنمل کلناڻي جو جائزو)


***Abstract:***

*Rai Bahadur Dewan Koromal chandanmal Khilnani was a renowned writer of Sindhi literature. He was a pioneer of Sindhi literature. He wrote many books to improve and develop the Sindhi literature. He worked on various sorts of Sindhi literature. From them, he also wrote biographies of renowned personalities. The life of Dadu Dayal and his Panth was written by him a hundred years ago in Sindhi Language. Dadu Dayal has been discovered as a Sindhi poet in modern time. Thus, keeping in view the modern research, this book has been reviewed / analyzed. In this paper it has been focused on the importance of Dadu Dayal in Sindhi literature.*


**ننڌي** ڪنڌ ڀارت ۾ صوفي ۽ سنت بزرگن جو ڪردار نهايت ئي پُراثر رهيو آهي، جن پنهنجي اعليٰ ڪردار جي ذريعي سماج کي پرکي ۽ پروڙي عام انسان کي محبت ۽ پيار سان جيئڻ جو رنگ ڍنگ سيکاريو آهي. اهڙا بزرگ مذهبن جي محدود دائرن کان بالاتر ٿي ڪري خدا جي خلقيل اشرف المخلوقات، انسان ۽ انسانيت ڪاڻ پاڻ پتوڙيندا رهيا آهن. سنڌ سونهاري اهڙن بزرگن جي سٿ سان بيشڪ ڀري پيئي آهي. صوفي صفت بزرگن جي فڪر جي ڪا ديوار، ڪا سرحد، ڪا حد نه ٿيندي آهي. هو خوشبوءِ وانگر پنهنجي آسپاس جي ماحول کي معطر بڻائيندا رهندا آهن. ائين ڪيترائي بزرگ سنڌ کان ٻاهر ڏوراهن ڏيهن ۾ به وڃي، ته ڪيترائي بزرگ سنڌ طرف اچي، پنهنجي پنهنجي حصي جو سڳنڌ وکيريندا رهيا آهن. اهڙين بزرگ هستين ۾ 'دادو ديال' جو نالو پڻ شامل آهي، جنهن بابت ديوان ڪوڙيمل چندنمل کلناڻيءَ اٽڪل هڪ صدي کن اڳ هڪ ڪتابڙو لکي، سندس حياتيءَ بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ ڀرپور ڀيرو ڄاڻ ڏني هئي. اڄ جا محقق، دادو ديال کي سنڌي ٻوليءَ جو شاعر ڪوٺي، ڪيس سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ ڏين ٿا. ديوان ڪوڙيمل، دادو ديال جي زندگيءَ ۽ سندس نالي پٺيان جوڙيل پنٿ تي روشني وڌي آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڳوڙهي فڪر کي بحث هيٺ آندو اٿس، پر سندس شاعريءَ مان ڪي ٿورڙا شعر ڏنا اٿس. دادو ديال، سنڌيءَ ۾





ڪو شعر يا بيت چيو، ان بابت ڪا ڄاڻ نه ڏني اٿس. ان جو مکيه ڪارڻ اهو ٿي سگهي ٿو، ته دادو ديال جا اهي سنڌيءَ ۾ چيل بيت جن گرنٿن مان مليا آهن، سي گهڻي دير سان نروار ٿيا هجن، جن جي ئي آڌار تي ڪيس سنڌي ٻوليءَ جو شاعر ڪوٺيو ويو آهي. اهي گرنٿ ڊاڪٽر بلوچ هن ريت ڄاڻايا آهن: ”جيور گرنٿ -٦، سنتون ڪي واڻي، ڪتاب ورهد ۽ جيپور گرنٿ- ۴.“ (۱)

سنڌي ادب ۾ دادو ديال جي شهرت جو مکيه سبب سندس پوئلڳن پاران گڏ ڪيل قاضي قادن جو ڪلام آهي، جنهن کي ڀهرين هندستان ۾ اوڀر پنجاب جي هڪ اديب، نالي راجا رام شاستريءَ ، هرياڻا صوبي جي، روهتڪ شهر جي ويجهو، هڪ ڳوٺ راڻيلا ۾، هڪ دادو پنٿي، 'ڀڳت هري‌داس' جي مَٺَ ۾، گُرمکي اکرن ۾ لکيل هڪ قلمي ڪتاب 'سنتون ڪي واڻيءَ' ۾ ڏٺو ۽ ٻئي محقق هيري ٺڪر، قاضي قادن جي ڪلام کي گُرمکيءَ مان سنڌي صورتخطيءَ ۾ آڻي ۱۹۷۸ع ۾ 'قاضي قادن جو ڪلام' جي عنوان سان دهليءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو. ڏٺو وڃي ته اهو سهرو به دادو ديال جي ئي سر سونهين ٿو، جو هڪ دادو پنٿي ڀڳت سنت هري‌داس ، جيڪو دادو ديال جي هڪ چيلي جو چيلو هو، جي مڙهيءَ مان قاضي قادن جو ڪلام به ميسر ٿيو.

سنڌي ادب جي شروعاتي ٻن ادبي تاريخن، خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي لکيل 'سنڌ جي ادبي تاريخ' ۽ پروفيسر لطف الله بدويءَ جي سنڌي ادبي تاريخ 'تذڪره لطفي' آهن، جن ۾ دادو ديال جو ذڪر بلڪل ڪونهي، ان جو سبب پڻ سندس ڪلام جو دير سان ميسر ٿيڻ آهي. البت ڊاڪٽر بلوچ جي لکيل 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' ۾ دادو ديال کي ڀهريون ڀيرو متعارف ڪرايو ويو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي 'سنڌي ادب جي تاريخ' ۾ ڊاڪٽر بلوچ ۽ باغ علي 'شوق' جي لکتن جي آڌار تي دادو ديال ۽ رجب خان پٺاڻ (دادوءَ جو ٻالڪو) تي قلم کنيو.

مٿي ڄاڻايل محققن جي لکڻين ۾ دادو ديال جي زندگيءَ جو ٿورو احوال ۽ گهڻو تڻو سندس ڪلام تي بحث ڪيو ويو آهي، البت ديوان ڪوڙيمل چندنمل کلناڻيءَ دادو ديال جي سنڌي ڪلام يا شعر کي ڇڏي ، سندس زندگي ۽ سندس نالي پٺيان جوڙيل دادو پنٿ تي تفصيلي لکيو آهي. ديوان ڪوڙيمل، دادو ديال جي جنم کان وٺي سندس وفات تائين جي ڪافي پهلوئن تي لکيو آهي، پر اهڙو ذڪر ڪٿي به ڪونه ڪيو اٿائين، ته ڪو دادو ديال سنڌ ۾ پڻ آيو هو يا سنڌيءَ ۾ شاعري ڪيائين. اهڙو تاثر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پهريون ڀيرو ڊاڪٽر بلوچ ڏنو، ته دادو ديال نه صرف سنڌ ۾ آيو هو ۽ رهيو، پر سنڌيءَ ۾ شاعري پڻ ڪئي. ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو، ته:

”دادو ديال غالباً سنڌ ۾ ڪجھ وقت رهيو ۽ ڪيس سنڌي ٻوليءَ جي چڱي ڄاڻ هئي. هن راجستاني هندي ٻولين ۾ گهڻو ڪلام چيو، پر سنڌيءَ ۾ به ڪافي بيت چيائين.“ (٢)

هاڻي ته اهو ثابت ٿي چڪو آهي، ته دادو ديال، قاضي قادن جي اسلوب تي سنڌي بيت چيا. اُن لاءِ هن ضرور سنڌين سان ميل ملاقات ڪئي هوندي، جنهن ڪري هن نه صرف سنڌي ٻولي سکي، پر سنڌيءَ ۾ بيت پڻ چيائين. ٻيو ته اهو عجب اتفاق چئجي، جو هڪ انگريز ليکڪ، ڊاڪٽر ڊبليو. جي. آر، پنهنجي ڪتاب ’Indian Mystic‘ ۾ دادو ديال جو پنهنجو نالو ’دادو‘، سندس امڙ جو نالو ’بصران‘، ٻن پٽن ’غريب‘ ۽ ’مسڪين‘ ۽ سندس نياڻين جا نالا ’حوا‘ ۽ ’شمبو‘ ڄاڻايا آهن. اهي سڀئي نالا اڄ به سنڌ ۾ عام جام مروج آهن. ٻيو ته هن سابرمتي نديءَ جي بجاءِ سرسوتي درياھ جو نالو لکيو آهي. انهيءَ ئي درياھ جي ڪناري آباد شهر احمد آباد ڄاڻايو اٿس.

دادو ديال جي زندگيءَ بابت اڪثر چيو وڃي ٿو، ته سندس گهڻي معلومات ملي نه سگهي آهي. تنهن هوندي به جيڪي به حوالا هن مهل تائين بيان ڪيا وڃن ٿا، انهن ۾ ’جن گوپال‘ جي لکيل پرچي يا ’دادو جنم ليلا‘، جيڪو جن گوپال نظم جي صورت ۾ لکيو آهي، اهم آهي. هن ڪتاب جي اهميت ان ڪري به آهي، جو اهو ڪتاب دادو ديال جي وفات کان ٿوروئي پوءِ لکيو ويو. ٻيو ته، جن گوپال، دادو ديال جو سڌو سنئون ٻالڪو چيو وڃي ٿو. ياد رهي ته دادو ديال جي وفات ١٦٠٣ع ۾ ٿي، جنهن تي محقق سڀني جو اتفاق آهي. ان کان سواءِ دادو ديال جو ذڪر هڪ مرهٽي شاعر تڪارام اٽڪل ١٦٣٠ع کان ١٦٤٠ع ڌاري ڪيو. ٽيون ذريعو فارسي زبان ۾ انسائيڪلوپيڊيا جي حيثيت رکندڙ ڪتاب دبستان مذاهب‘ آهي، جنهن ۾ دادو ديال ۽ دادو پنٿ جو ٿورو ذڪر ڪيل آهي. اهو ڪتاب دادو ديال جي وفات کان ٦٢ سال پوءِ جو لکيل چيو وڃي ٿو. هن ئي ڪتاب جي آڌار تي ڊاڪٽر بلوچ: دادو ديال بابت لکيو آهي ته، ”دادو هڪ پڃاري جي گهر ۾ ڄائو.“ البت هي ڪتاب ڪنهن جو لکيل آهي، ان ۾ اختلاف نظر اچي ٿو. شايد انڪري ئي ڊاڪٽر بلوچ پڻ ’دبستان مذاهب‘ جي مصنف جو نالو نه ڄاڻايو آهي. هنن ذريعن کان سواءِ روشن دلائل، رگويد جي ڀڳت مالا ۽ ماڌو داس جي





ڪتاب جو پڻ ذڪر ڪري ٿو، جن ۾ دادو ديال جي زندگيءَ بابت ڪجھ نه ڪجھ لکيل آهي. جڏهن ته ديوان ڪوڙيمل جي جوڙيل هن ننڍڙي پستڪ، جيڪو ١٩١٤ع ۾ ڇپيو هو، ۾ ڪافي حوالا ڏيئي، دادو ديال جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کي محققانه انداز ۾ اجاگر ڪيو ويو آهي. انهن ذريعن ۾ ڪجھ ته مٿي ڄاڻايل ذريعا ساڳيا آهن. خاص طور تي ’جن گوپال‘ جو نظمي ڪتاب ’دادو جنم ليلا‘، ان کان سواءِ ’سندر داس‘ جي ڪتاب ’سندر ولاس‘ جا حوالا به موجود آهن. ’پنڊت جڳ جيون‘ جو حوالو پڻ ڪتاب موجود آهي، جنهن جي آڌار تي دادو ديال جي گروءَ جو تعين ڪيل آهي. ديوان پنهنجي جوڙيل ڪتاب ۾ دادوءَ جي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل گرنٿن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. انهن گرنٿن ۾ هڪ گرنٿ ١٩٠٥ع ۾ لاهور مان ڇپيل، ٻيو بمبئيءَ مان ڇپايل ۽ ٽيون ڪاشي يعني بنارس مان ڇپايل ڄاڻايل آهن، پر انهن ٽنهي گرنٿن مان ديوان ڪوڙو مل مطمئن نظر نٿو اچي. سندس چواڻي:

”پر اڃا تائين پوري ريت سوڌيل گرنٿ ڇپيل ڪونه ٿو ڏسجي.“ (٣)

انهن ذريعن کان سواءِ ديوان ڪوڙيمل، ’سندر داس‘ جي گروءَ جي جوڙيل ’سنپردايه‘ گرنٿ جو پڻ حوالو ڏنو آهي. انهن سڀني حوالن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو، ته دادو ديال بابت جوڙيل هن ڪتاب دوران، ديوان ڪوڙيمل جي سامهون گهڻو مواد ۽ گرنٿ موجود هئا. پر هتي هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو ته موجوده دؤر ۾ مليل ڪيترن ئي گرنٿن مان قاضي قادن جو ڪلام مليو آهي، ته پوءِ ديوان ڪوڙيمل ڪٿي به ان جو ذڪر ڇونه ڪيو آهي. اسان جي نظر ۾ ان جا جيڪي ڪارڻ ۽ انومان ٿي سگهن ٿا، انهن جو ذڪر سرسري طور هيٺ ڪجي ٿو:

قاضي قادن جي سري هيٺ مليل جن ڇئن گرنٿن جو ذڪر ڊاڪٽر بلوچ ڪيو آهي ، تن مان رڳو ’سنتون ڪي واڻي‘ ۾ ڪل شاعرن جو تعداد ٦٩ ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن ته ٻين ٽن گرنٿن ۾ رڳو شعرن جي تعداد تي زور ڏنو ويو آهي، ته ڪهڙي شاعر جا ڪيترا شعر يا بيت آيل آهن، باقي ڪل ڪيترن شاعرن جو ڪلام موجود آهي، اهو ڄاڻايل نه آهي. هڪ اندازي موجب اهي چارئي گرنٿ ديوان جي سامهون نه آيا آهن، ڇاڪاڻ جو انهن ڇئني گرنٿن ۾ قاضي قادن جو ڪلام موجود هو. جيڪڏهن اهي سندس نظر تي چڙهن ها ته قاضي قادن جو ذڪر پڻ ضرور ڪري ها. ڇو ته دادو ديال



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سان گڏوگڏ ٻين ڪيترن ئي شاعرن جو ذڪر ڪيو اٿس. جن ۾: ڪبير، نامديو، رويداس، هرداس، گورکناٿ، شيخ فريد، قاضي محمود، شيخ بهاءُ الدين شامل آهن. انهن ۾ گورکناٿ کي جوڳيسر جي خطاب سان نوازيو اٿائين ۽ مسلمان شاعرن کي مها پرش ڪري ڪوٺيو اٿائين. انکري قاضي قادن جي ڪلام جو ذڪر ڇونہ ڪيو اٿس. ٻيو اهم دليل اهو آهي تہ ديوان جي سامهون جيڪو گرنٿ موجود هو ان ۾ هن هڪ سو ڪان وڌيڪ شاعرن جي ڪلام هجڻ جي ڳالهہ ڪئي ويئي آهي. ٽيون تہ سندس سامهون جيڪو گرنٿ هو ان کي 'پستڪ سنگره' ڪري لکيو اٿس. اهو ڪنهن جو جوڙيل آهي ان جو ذڪر نہ ڪيو اٿائين. رڳو دادو پَنٿي ڪري لکيو اٿس. سندس چواڻي:

"دادو پَنٿيءَ جي پستڪ سنگره ۾ هڪ سؤ ڪان بہ وڌيڪ مهاتمائن جي واڻي ڪٺي ڪيل آهي، پر دادو ديال جي ٻاڻي سڀني ڪان پرٿم (پهرين ، اعلي) ليکبي آهي. تنهن ڪان پوءِ ڪبير، رويداس ۽ هرداس جي واڻي ۽ انهن جي پويان دادوءَ جي شُشن جي ۽ پوءِ گورکناٿ جهڙن جوڳيسرن جي واڻي لکيل آهي. مسلمان مها پرشن مان شيخ فريد، قاضي محمود ۽ شيخ بهاوالدين جا پد ان ۾ وڌل آهن." (۴)

دادو ديال جي جنم بابت مختلف رايا آهن. ڪن جو خيال آهي، تہ هن هڪ 'پڃاري' (ڪپهہ تاڻڻ جو ڪم ڪندڙ) جي گهر ۾ جنم ورتو. بعد ۾ انهيءَ ڪرت ڪيس 'پڃارو' ڪري سڏيو ويو. ڪن وري ڪيس 'خدائي مظهر' سڏيو آهي، جيڪو هڪ ٻالڪ جو روپ ڌاري هن دنيا ۾ آيو. هندو مذهبي فلسفي ۾ اهڙا گهڻا ئي مثال ملن ٿا، مثلاً: "'بابا ٻڍا' لاءِ پڻ چيو وڃي ٿو، تہ هو 'وشنوءَ 'جو روپ ڌاري هن دنيا ۾ آيو هو." (۵) ساڳئي قسم جي روايت دادو ديال بابت پڻ چئي وڃي ٿي. ڪي تہ ڪيس 'بابا ٻڍا جو اوتار' تہ ڪي 'ڪبير جو اوتار' سمجهن ٿا. ان جي برعڪس مشهور روايت آهي تہ دادو ديال کي 'سابرمتي' نديءَ مان هڪ ٽوڪريءَ ۾ لُڙهندو ڏسي، 'لوڌي رام' هڪ برهمڻ واپاريءَ ٻاهر ڪڍيو ۽ گهر کڻي وڃي پاليائين. ان واقعي متعلق ديوان ڪوڙو مل لکي ٿو:

"دادو پنٿين ۾ اها ڳالهہ پرسڌ (مشهور) آهي، تہ هڪڙي هنڌ ڪيترائي جوڳي ڌيان لائي ويٺا هئا، تن مان هڪ جوڳيءَ کي پرميشور جي آگيا (حڪم) ٿي، تہ اپديش (واعظ) ڪرڻ بجاءِ وڃي لوڪن جو ڪلياڻ (خدمت) ڪر. تنهن تي اهو جوڳي احمد آباد ويو. اتي 'لوڌي رام' نالي هڪڙو سکر ماڻهو پتر سنتان (پٽ جي اولاد) پراپت (پيدا)





ٿيڻ جي نِمت (ڪاڻ) ساڌن سنتن جي شيوا ٽهل ڪندو هو، تنهن کي جڏهن هن جوڳيءَ جي اتي اچڻ جي سُڌ پيئي، تڏهن هو وٽس ويو ۽ هنجي بہ شيوا چاڪري ڪرڻ لڳو. جوڳي مٿس پرسن (راضي) ٿيو ۽ لوڌي رام کي چيائين تہ تون سياڻي پرڀات ويلي 'سابرمتي' نديءَ جي ڪنٺي تي وڃ، اتي تنهنجي من گهُري منشا پوري ٿيندي. لوڌي رام جوڳيءَ جي آگيا (حڪم) مڃي اتي ويو. ڇا ڏسي تہ هڪڙو ٻالڪ نديءَ جي وهڪري ۾ لُڙهندو پيو وڃي. لوڌي رام ٻالڪ کي ٻاهر ڪڍيو ۽ پنهنجي گهر نيئي پٽ وانگر پالڻ لڳو." (۶)

اهو واقعو ڪهڙي سال پيش آيو، تنهن بابت ديوان ڪوڙيمل عيسوي سال نہ ڏنو آهي. البت هندستان جي روايتي سال کي ظاهر ڪيو اٿس، جنهن کي سنبت چئجي ٿو. سنبت، عيسوي سال کان ۵۶ يا ۵۷ سال اڳ 'وڪرما جيت بادشاهہ' جي دور کان شروع ٿيندڙ هندي سال آهي. ان واقعي بابت ديوان ڪوڙومل لکي ٿو:

"چون ٿا تہ هي چمتڪار سنبت ۱۶۰۰ ۾، ڦڳڻ مهيني جي اٺين ڏينهن تي ٿيو." (۷)

ڦڳڻ هندي مهينو، عيسوي سال جي مهينن موجب ۱۵ فيبروري کان ۱۵ مارچ تائين هوندو آهي. سنبت سال ۽ عيسوي سال جو فرق ڪٿي ۵۶، ڪٿي ۵۷ تہ ڪٿي ۵۸ سال بہ ڏسڻ ۾ آيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ 'جامع سنڌي لغات' ۾ ۵۸ سالن جوفرق ڏيکاريو آهي. ٻيو تہ ديوان سنبت ۱۶۰۰ دادو ديال جي نديءَ مان ملڻ وارو سال لکيو آهي. دادو جڏهن نديءَ مان مليو تہ سندس عمر سال ڪن چئي وڃي ٿي. جڏهن تہ 'وي - سندارام' دادو ديال جي پيدائش ۱۵۴۵ع ۾ ڄاڻائي ٿو. هن متعلق وري سندرداس لکي ٿو:

"It is said that Dadu was foster son of Lodhi Ram, a Naga Brahman of Ahmedabad, who had found the infant floating on the waves of the Sabarmati River in 1545 (www.Hindugujrat.org)."(8)

جيڪڏهن هن سال کي تسليم ڪجي، تہ پوءِ سنبت سال ۾ گهڻو فرق اچي ٿو، ان ڪري سندس جنم جيڪو عموماً سنبت (۱۶۰۰ يا ۱۶۰۱) ۽ وصال سنبت (۱۶۵۹ يا ۱۶۶۰) ڄاڻايا وڃن ٿا. پر عيسوي سن اڪثر ڪري (۱۵۴۴ع — ۱۶۰۳ع) لکيو وڃي ٿو.

## دادو ديال جي معنيٰ ۽ مطلب:

سنسڪرت ۾ 'داد' جي معنيٰ آهي: 'ڏيڻ، ڏان، خيرات.' (۹)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ان لحاظ سان دادوءَ جي معنيٰ ٿيندي، ڏيڻ وارو، ڏان ڏيندڙ، خيرات ڏيندڙ.

وري فارسيءَ ۾ 'دادو'، 'دادر'، جنهن جي معنيٰ ڊاڪٽر بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ لکي آهي:دادو-ج-دادا "ڀاءُ، برادر، دوست، وڏو ڀاءُ، ادو، ڀائو، برادر(دادا-ڏاڏو). صفت: وڏي عمر جو پوڙهو."(۱۰)

'دادوءَ' جي معنيٰ ڀاءُ ٻڌائي ويئي آهي، جيڪا فارسي لغت جي حساب سان آهي.

جڏهن ته 'ديال' جي معنيٰ سنسڪرت جي لحاظ کان 'ديا' جي مادي سان ٿيندي: "ديا – ديہ، معنيٰ رحم ڪرڻ – رحم، ٻاجهہ، لطف، ڪرم، احسان، سخا، عنايت." انهيءَ لحاظ کان 'ديال' جي معني: "ديا وارو، دياوان، ديالو، ٻاجهارو، رحمدل، مهربان، ترس کائيندڙ."(۱۱) هن ڪتاب ۾ ديوان ڪوڙيمل ڪيس مهاتما دادو ديال بہ ڪوٺيو آهي. مهاتما جي معني سائل ڪوش ۾ پروفيسر سترامداس هيءَ ٻڌائي آهي: "تمام نيڪ، پاڪ پويتر، وڏو ساڌو، ڪامل، بزرگ، سخي، فياض، گڻوان، سنت، اعلي انسان."(۱۲)

البت اهو الڳ سوال آهي، تہ دادوءَ جو اصل نالو 'دادو ديال' ئي آهي يا ڪو ٻيو: جيئن ڊاڪٽر بلوچ، 'سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ' ۾ لکيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ مذهبن جي انسائيڪلو پيڊيا جي حيثيت رکندڙ فارسي ڪتاب 'دبستان مذاهب' جي آڌار تي 'دادو ديال' جو نالو 'داؤد يار' ٻڌايو آهي. ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو:

"دادوءَ بابت 'دبستان مذاهب' جي مصنف لکيو آهي تہ، هو هڪ نداف يعني پيڃاري جي گهر ۾ ڄائو. عام روايت موجب هو احمد آباد ۾ وڏي وڏو ٿيو. سندس اصل نالو داؤد يار هو ۽ سانڀر جي درويش شيخ ٻڍڻ صوفيءَ جي دعا سان پاڻ بہ صاف دل صوفي ٿي پيو."(۱۳)

ڊاڪٽر بلوچ جي هن لکت ۾ رڳو نداف يعني پيڃاري جي گهر ۾ ڄمڻ واري ڳالهہ 'دبستان مذاهب' مان ڪنئي ويئي آهي، باقي ٻيو احوال روايت طور ٻڌايو اٿس. جڏهن تہ 'دبستان مذاهب' ۾ دادوءَ جي ڄمڻ جي ڳالهہ ناهي، بلڪ ٻڌايل آهي تہ دادو مارواڙ جي ضلعي ۾ ڳوٺ نراڻ ۾ هڪ پيڃارو هو. 'دبستان مذاهب' ۾ ٻڌايل آهي تہ : "دادو مردي بود از ندافان ده نرانيہ نام ڪہ از اعمال ماروار است." (۱٦)





ڊاڪٽر بلوچ جي لکت مان اندازو ٿئي ٿو تہ، دادو ديال مڪمل مسلمان هو. هن جو هندو مذهب سان ڪو بہ تعلق نہ هو. البت هندو بہ سندس مريد ۽ معتقد هئا. پاڻ اڳتي لکي ٿو: "(دادو) سامبرتيءَ جي درويش شيخ ٻڍڻ صوفيءَ جي دعا سان پاڻ بہ صاف دل صوفي ٿي پيو. جيئن پوءِ تيئن گهڻا هندو سندس ميڄتا ۾ آيا ۽ اهي ڪيس پنهنجي ويساهہ موجب هندو ڀڳت سمجهڻ لڳا. مسلمان مريد بدستور سندس دائري ۾ داخل رهيا ۽ ويندي بنگال تائين هو ڪيس مسلمان درويش طور مڃيندا رهيا آهن. دادوءَ جي مريدن ۾ رجب پٺاڻ نالي هڪ وڏو درويش هو، جنهن جا چيل دوها مشهور آهن."(۱۵)

دادو ديال بابت مٿي ٻڌايل حوالن مان ديوان ڪوڙيمل، دادوءَ جي ٻين مريدن سان گڏ رجب پٺاڻ جو بہ ذڪر ڪيو آهي. د يوان لکي ٿو:"ٻيا جيڪي سوامي دادوءَ جا شش (شاگرد) آهن، تن ۾ جن گوپال جي، جڳ جيونداس جي، رجب جي، پورڻ داس جي ۽ غريب داس بہ نامر ڪنيا آهن." (۱٦)

رجب پٺاڻ بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، باغ علي شوق جي حوالي سان لکي ٿو: "رجب علي خان پٺاڻ سانگانير جيپور ۾ ۱۵٦۸ع ۾ پيدا ٿيو. ويهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪرڻ سانگانير کان امير ويندي دادو ديال سان ملاقات ٿيس. شاديءَ جو خيال ترڪ ڪري دادوءَ جو چيلو ٿيو." (۱۷)

ڊاڪٽر عبدالجبارجوڻيجو مطابق رجب پٺاڻ پنهنجي گُرو– دادو ديال جي مرتئي کان وٺي اکيون بند ڪري ڇڏيون. دادو ديال جو مرتيو ۱٦۰۳ع ۾ ٿيو، جڏهن رجب پٺاڻ جي عمر ۳۵ سال هئي. سندس (رجب پٺاڻ جي) ڪل عمر ۱۲۱ سال هئي. سندس لاڏاڻو ۱٦۸۹ع ۾ ٿيو، يعني پٺائيءَ جي ڄمر واري سال ۾ رجب پٺاڻ جو مرتيو ٿيو. ان حساب سان چئبو تہ رجب پٺاڻ پنهنجي زندگيءَ جا ۸٦ سال پنهنجيون اکيون بند رکيون.

ڊاڪٽر جوڻيجي مطابق: "گروءَ جي وفات جي وقت کان وٺي اکيون بند ڪري ڇڏيائين ۽ مرڻ (۱٦۸۹ع) تائين نہ کوليائين." (۱۸)

جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ ۽ ٻين دادو ديال کي 'پيڃارو' ڪوٺيو آهي. دادو ديال جو مريد ۽ شاگرد سُندر داس ڪيس ڪٿي 'پيڃارو' سڏي ٿو، البت ڪٿي وري ڪيس خدا پاڪ طرفان خدائي مخلوق جي هدايت لاءِ موڪليل ڪوٺي ٿو. سندر داس جا اهڙا شعر ديوان ڪوڙيمل هي ڏنا آهن:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

1. ايڪ پنجارا ايسا آيا، روح روئي پنجڻ ڪي
ڪارڻ رامڻ آپ پڙهايا. . .

دادو داس عجب پنجارا، ’سندر‘ بل بل جائي. . .(۱۹)

جيتوڻيڪ ديوان ڪؤڙومل، دادو ديال جي پچارڪي ڪرت کي محض وقتي ڪونه ٿو. دادوءَ کي ’پچارو‘ سڏڻ جو ڪارڻ ديوان ڪوڙيمل اهو ڄاڻايو آهي، ته هن ڪجھ وقت ڪپھ پڃڻ جو ڪم ڪيو هو، جنهن ڪري ماڻهو ڪيس ’پچارو‘ ڪري ڪوٺيندا هئا. ٻيو سبب ديوان ڄاڻايو آهي، ته دادو پچارڪي ڪرت ان ڪري اختيار ڪئي، ته جيئن عام ماڻهن کان لڪ ڇپ ۾ خدا کي راضي ڪري سگهي، ڏيکاءَ واري عبادت، رياضيت کان پري ڀڄندو هو، انڪري عام خلق جي نظر کان پري رهي، ته جيئن ماڻهو ڪيس سندس اصل مقصد حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ نه وجهن. ان جي دليل لاءِ ديوان ڪوڙيمل، ڪبير جو مثال ڏنو آهي. جڏهن ماڻهن ڪبير کي گهڻو تنگ ڪيو ته هن هڪ عورت (طوائف) وٽي پاڻ سان گڏ رهائي، ته جيئن عام ماڻهو ڪبير کي سُٺو ماڻهو نه سمجهن ۽ ڪانئس پري ڀڄن. ديوان لکي ٿو:

”ائين چوندا آهن ته مهاتما ڪبير کي جڏهن ماڻهن گهڻو ڪجايو (تنگ ڪيو) ۽ سندس ڌيان ۽ جوڳ اڀياس ۾ رنڊڪ پوڻ لڳي، تڏهين ماڻهن کي ٽاهڻ ڪاڻ هڪڙي وئشيا (رنڊي) آڻي پاڻ وٽ رهايائين؛ انهيءَ جو پرڀاءُ (نتيجو) اهو ٿيو، جو ماڻهن سمجهيو ته هن هي ڪڪرم (خراب ڪم) ڪيو آهي، سو هي ست پرش (نيڪ ماڻهو) نه آهي، تنهنڪري وٽس اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنائون.“ (۲۰)

دنيا ۾ اهڙا ڪئين مثال ملندا، جن مان پتو پوندو ته اهڙن بزرگ صفت انسانن پاڻ کي هن عارضي دنيا ۾ لڪائي رکڻ پسند ڪيو ۽ ريا ڪاريءَ کان ڀڄندا رهيا. ڀٽائي سرڪار ڀٽ تي ديرو اهڙي وقت ڄمايو جڏهن اتي بر پٽ بيابان هو. سنڌي ٻوليءَ جي چاسر، وهائو تاري ۽ شاهه لطيف جي مبشر ــ شاهه عبدالڪريم بُلڙيءَ واري پڻ ساڳي هيڪڙائيءَ واري وائي ورنائي:

ور سا سڄي ويڙ، جتي سڄڻ هيڪڙو،
سو ماڳو ئي ڦير، جتي ڪُوڙ ڪُماڙُئين.(۲۱)





دادو ديال وٽ ماڻهو پري پري کان ايندا هئا. جڏهن ماڻهن جي گهڻائي حد کان وڌي ويئي، ته هن ٻئي هنڌ سفر ڪري پاڻ لڪايو ۽ اهڙي طرح پچارڪي ڪرت اختيار ڪيائين. اهڙا صوفي صفت درويش، سنت ۽ بزرگ، جيڪي دنياوي زندگيءَ جي جهنجهٽ کان ڪوهين ڏور ئي رهندا آهن. انهن مان ڪي ظاهري زندگيءَ کي ترجيح ڏيندا آهن ته ڪي لڪي عبادتون، رياضتون ڪندا آهن، اجا به ڪي وري پنهنجي علم عقل کي ڳجهو لڪائي، ڇرين وانگر ڦِرندا وتندا آهن، ته جيئن پنهنجي اصل مقصد کان هٽي نه وڃن.

ديوان ڪوڙيمل، اهڙن بزرگن جا ٻه قسم ٻڌايا آهن، هڪ ’پَرورتِي‘ يعني: مصروفيت ۾ گهاريندڙ ۽ ٻيو ’نِوُرتِي‘ يعني: آزاد زندگي گذاريندڙ. ديوان، دادو ديال جو ڳانڍاپو پوئين قسم سان ڄاڻايو ويو آهي. سندس فڪر ۽ طريقو ايترو ته مشهور ٿيو، جو ڪيئي پياسا وٽس اچي روحاني پياس اجهائيندا هئا. نيٺ هن پاڻ کي ڳجهو رکڻ ڪاڻ پچارڪي ڪرت کي پنهنجايو. ديوان لکي ٿو:

”ڏيري ڏيري هن جو اچرج جهڙو اپديش ۽ مهما ايترو پرسڌ ٿي ويا، جو ڪٿان ڪٿان جا ساڌو ۽ ڀڳت وٽس اچڻ لڳا. انهيءَ ڪري سندس ڀڳتي ۽ يوڳ اڀياس ۾ اڙچڻ (روڪ) پوڻ لڳي. انهيءَ وکيپ (شهرت) ٽارڻ ڪاڻ هن پرڏيهه وڃي پچارڪي ڪرت ڪئي، جنهن ڪري ماڻهن وٽس وڃڻ ڇڏي ڏنو.“(۲۲)

ديوان ڪوڙيمل مطابق دادوءَ جي ٻاڻيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي هندو ڌرم وارن تي ڪي قدر ڇنڊا پيل ٿا ڏسجن. البت ديوان ڪوڙيمل اهڙي ڪلام جو نمونو ڪونه ڏنو آهي. شايد انهيءَ سبب جي ڪري دادو ديال کي مسلمان ڪري پيش ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ ديوان خود اڳتي وضاحت ڪئي آهي، ته اهڙا ڪم عقل ۽ مت جا موڙهل، جيڪي دادوءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا آهن، اها سندن ٻي سمجهي آهي. ديوان مطابق دادو اهڙيون ڳالهيون اڻ ڄاڻن کي سمجهائڻ ۽ سڌارڻ ڪاڻ ڪيون آهن. اهڙن ماڻهن کي بيوقوف ڪوني ٿو، جيڪي سندس فلسفي ۽ فڪر کي نه سمجهي، ڪيس ڪافر، پچارو ۽ ٻين بيڪار نالن سان ياد ڪن ٿا. ديوان لکي ٿو:

”ڪٿي ڪٿي دادوءَ جي ٻاڻيءَ ۾ هندو ڌرم تي ڇنڊا وڌل پيا ڀاسن، پر اهي نندا ڪرڻ لاءِ نه آهن. ٻي سمجهه ۽ اگياني ماڻهن جون وڏ- گهٽتايون هلن پيون ۽ پُلون

چوڪون پڻ ڪن ٿا، تن جي سيڪٽ ۾ سڌاري جي نيت سان اهي وچن چيل آهن. انهن جو تاتپرج ۾ ڀاؤ (مقصد، معنيٰ، مطلب) نہ سمجهي بي سمجهہ ماڻهو ڪاوڙ مان هن کي پچارو، ڪافر ۾ ٻيا اڻ سهائيندا نالا ڏيندا آهن.“ (۲۳)

دادو ديال جو گُرو– مرشد ڪير هو، ان تي بہ ڪو يڪراءِ ناهي. ڏٺو وڃي تہ ننڍي کنڊ جي صوفين ۾ ويدانت توڙي وحدانيت جي پرچار ۾ مسلمان توڙي هندو پنهنجي پنهنجي طور طريقي سان پنهنجي ڏٽيءَ کي راضي رکڻ جا جتن ڪندا رهيا آهن. ڪنهن بہ صوفي، بزرگ يا سنت جي لاءِ ضروري هوندو آهي، تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن مرشد، استاد يا گُروءَ کي چونڊي، انهيءَ جي ٻڌايل واٽ تي هلي ۾ عبادت، رياضت ڪندو رهي. ائين ڪندي ڪندي هو اهڙي منزل تي پهچي ٿو، جو يا تہ پنهنجي گُرو– مرشد جي نالي يا سندس جوڙيل سنگ ۾ زندگي گذاري ڇڏي ٿو يا وري پنهنجي ئي نالي سان ڪو الڳ پنٿ گروهہ يا فرقو ناهي هڪ نئين نالي سان مشهور ٿئي ٿو. جيئن ’ڪبير پنٿ‘ مشهور آهي، جيڪو ڪبير جي نالي سان جڙيو. دادو ديال جو گرو ڪير هو؟ ۽ اگر هو، تہ هن ان جي نالي پنيان پنٿ ڪونہ جوڙيو ويو، پر سندس ئي نالي پٺيان سندس پوئلڳن پَنٿ جوڙي ڪيس زندهہ جاويد رکيو. ان هوندي بہ دادوءَ جي لاءِ گهڻو ٽڻو مشهور آهي، تہ سندس گرو ’ڪبير‘ هو. ڏٺو وڃي تہ دادو، ڪبير کان گهڻو متاثر بہ لڳي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هن پنهنجي ’ٻاڻيءَ‘ ۾ ڪبير جو ذڪر جابجا ڪيو آهي.

دادو نام ڪبير ڪي، جائي ڪوئي ليوي اوٽ،
ان ڪو ڪبهو لاڳي نهين، ڪال وجر ڪي چوٽ.(۲۴)

ان سلسلي ۾ روشن لال ’هندو ازم اين الفابيٽيڪل گائيڊ‘ ۾ لکي ٿو تہ:
”اهو پڻ تصور ڪيو وڃي ٿو، تہ هو (دادو)، ڪبير جو روحاني پوئلڳ هو.“(۲۵)

دادو ديال لاءِ چيو وڃي ٿو، تہ جنهن بزرگ کيس ٻالاپڻ ۾ ديدار ڪرايو ۽ رچائي ريتو ڪيو، اهو ڪن مطابق ڪبير هو. ڊاڪٽر بلوچ موجب ’شيخ ٻڍڻ‘ هو، پر ديوان ڪوڙومل اهو سچو واقعو جيڪو دادوءَ کي ٻالاپڻ ۾ پيش آيو، لکيو آهي. پر نہ تہ ڪبير جو، نہ ئي وري شيخ ٻڍڻ جو ذڪر ڪيو اٿائين. رڳو ان بزرگ کي ’مها پُرش‘ ڪري لکيو اٿس. ديوان ڪوڙيمل جن گوپال جي حوالي سان لکيو آهي، تہ: ”دادو جي يارهن ورهن جي ڄمار ۾ جڏهن پنهنجي جيڏن سرتن سان راند روند پئي ڪئي، تڏهين ايشور جي پريرڻا (حڪم) سان هڪڙي ورڌ اوستا جو پُرش (وڏي ءعمر وارو ماڻهو،





پيرمرد) وٽس آيو ۽ ڪيس پان جو بيڙو اچي ڏنائين ۽ سندس مٿي تي هٿ رکي چيائين تہ جيڪي گهُرين سو ڏيانءِ، پر ٻالڪَ ٻڌيءَ (ٻالاپڻ، ڪم عقلي) ڪري هن نڪي سمجهو، نڪي هن تي ڌيان ڏنائين.“ (۲۶)

اهو واقعو پهرئين پيري جو آهي. ان کان پوءِ ستن سالن جي وقفي کان پوءِ اهو ساڳيو پير مڙد وري آيو. ان بابت اڳتي لکي ٿو: ”تنهن کان پوءِ جڏهين ٻيا ست ورهہ نبريا تڏهين اهو ساڳيو ’مها پرش‘ وري وٽس آيو ۽ جوڳ جي ٻل سان دادوءَ جي ٻاهرين درشت (نظر) کي انترمک (نقاب) ڪرائي، هن کي ساڪيات (صاف، ظاهر ظهور) برهم درشن ڪرايائين. انهيءَ ڏينهن کان وٺي دادوءَ کي پرميشور جي پڇن پوڄن سان ڏاڍو چاهہ لڳي ويو.“ (۲۷)

دادوءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ علم ڪٿان سکيو ۽ ڪنهن کان سکيو، اهو ڪو واضح ناهي، پر سندس ٻاڻيءَ جي حوالي سان ديوان لکيو آهي تہ وٽس هندو ڌرم توڙي مسلم مذهبي ڄاڻ گهڻي معلوم ٿئي ٿي. اهڙي ڄاڻ ڪيس ساڌن فقيرن جي ساٿ سنگت مان حاصل ٿي. ديوان ان متعلق لکي ٿو: ”سندس ٻاڻيءَ مان چٽو ڏسجي ٿو تہ هن کي هندو ڌرم جي شاسترن ۽ مسلماني مذهب جي متي (اصول) جي چڱي پر ستُ (ڄاڻ) هئي. اهو گيان (علم) هن کي ساڌن فقيرن جي سنگت ۾ انهن جي ڪٿا وارتا (گذريل واقعات) ٻڌڻ ڪري پراپت (حاصل) ٿيو هو. اهو ڪهڙي ريت ۾ ڪنهن جي وشيش (خاص) سنگ (صحبت) ڪري پراپت ٿيس، تنهن جي پوري سڌ پئجي نٿي سگهي.“ (۲۸)

ديوان ڪوڙيمل، سندر داس جي جوڙيل ’گرو سنپردايہ‘ نالي گرنٿ جي حوالي سان لکيو آهي، تہ سندر داس، دادوءَ جي گروءَ جو نالو ’ورڊانند‘ ڄاڻايو آهي. ديوان لکي ٿو: ”سندرداس جي گرو سنپردايہ نالي گرنٿ ۾ دادوءَ جي گروءَ جو نالو ’ورڊانند‘ لکيل آهي ۽ ڪنهن ڪنهن هنڌ هن جو نالو رڳو ’ورڌ‘ بہ آيل آهي.“ (۲۹)

پر اڳتي هلي سندرداس جي ڳالهہ کي رد ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي وضاحت ڪري ٿو، تہ دادوءَ جي ٻاڻيءَ ۾ ’ورڊانند‘ جو ذڪر ڪٿي بہ آيل نہ آهي. البت ڪبير کي گهڻو ساراهيو اٿس. ديوان لکي ٿو تہ: ”دادوءَ جي پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ ڪيترن هنڌن تي ’ڪبير‘ صاحب جي واکاڻ ڪئي آهي ۽ ’ورڊانند‘ جو نالو ڪٿي بہ ڪونہ آندو اٿس.“(۳۰)

ديوان ڪوڙومل، دادوءَ جي گروءَ بابت ڇٽڪ پنهنجي راءِ ڇڏي ڏني آهي:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جنهن ۾ هو دادوءَ کي پنهنجو پاڻ گرو سڏي ٿو: "سندرداس آد دادو پنٿي ته دادوءَ کي پنهنجو گرو پاڻ ڪري مڃين ٿا." (٣١)

ديوان ڪوڙيمل دادوءَ جي گروءَ بابت سندس ئي ٻاڻيءَ ۾ جيڪو مؤقف اختيار ڪيو آهي، اهو شعر ديوان هيئن لکيو آهي:

دادو غيب مانهين گرديو مليا، پايا هم پرساد،

مستڪ ميري ڪر دريا، دشيا اگم اگاڌ. (٣٢)

اهو شعر لکي ديوان آخري رايو ڏيئي ڇٽڪ نتيجو ڪڍي ٿو ته:

"انهيءَ مان انومان ٿو نڪري ته دادوءَ جي ڪي ڪنهن سڌ مهاتما جوڳ ٻل سان برهم جو ساڪيات درشن ڪرايو هو." (٣٣)

ديوان ڪوڙيمل جي مٿي ڏنل حوالن ۾ لکتن مان نتيجو نڪري ٿو، ته دادوءَ جي گروءَ بابت سندس ڌيان گهڻو ٿئو 'ڪبير' ڏانهن وڃي ٿو، پر آخر ۾ ڏنل بيت جي آڌار تي ديوان نتيجو ڏنو آهي ته دادوءَ جو گرو غيب مان آيو، جنهن ئي سڀ ڪجهه هن کي سيکاريو.

دادو ١٨ سالن جي عمر ۾ پنهنجي گروءَ سان ملڻ کان پوءِ مسلسل سفر ۾ رهيو ۽ وري احمد آباد جو منهن نه ڪيائين. سندس سفر سانڀر، آنبير، فتح پور سڪري، (اُتي اڪبر بادشاهه سان ملاقات ٿيس)، ڪلياڻ پور، جئه پور، مارواڙ، بيڪانير ۽ نراڻ تائين ويو. سندس آخري گهڙيون نراڻ کان ٽن چئن ڪوهن جي مفاصلي تي هڪ ٽڪري، جنهن جو نالو 'پراو' آهي، اتي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين ۽ اها ئي جاءِ سندس پوئلڳن جي لاءِ زيارت گاهه بڻي. ان سڄي سفر دؤران ڪٿي ڇهه سال ته ڪٿي ٻارنهن سال، ته وري ڪٿي ڪجهه ڏينهن رهيو. البت انهن سفرن جي سنن ۾ ڪافي فرق آهي، ڪنهن ڪهڙو ته ڪنهن ڪهڙو سن لکيو آهي. ديوان ڪوڙيمل عيسوي سن جي بجاءِ سنبت سال کي ترجيح ڏني آهي.

دادوديال پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ جن مها ڪَوين جو ذڪر ڪيو آهي، تن جا نالا ديوان ڪوڙيمل هي ڄاڻايا آهن: ڏتاٽري، نارد، سڪديو، سنڪاهه، ڌرو، پرهلاد، گورکنات، پرتري هري، گوپي چند، نامديو، پيپو، رويداس ۽ ڪبير وغيره.

دادوءَ جا ڪُل مشهور شش ٻاونجاهه آهن، جن جي پٽيان ٻاونجاهه گاديون





جڙيون. ديوان ڪوڙيمل، دادو پنٿين جي سلوڪن جو تعداد لک کان مٿي ڄاڻايو آهي.

دادوءَ جي مڙني ششن ۾ 'سندر داس' جو ذڪر گهڻو ڪيو ويو آهي، پر سندس هڪ شش جنهن جي گرنٿن جي آڌار تي سندس وڏي واکاڻ ڪئي اٿس. سندس چواڻي دادوءَ جي هن شش بنام 'نِهچلداس' جهڙو ٻيو شش آهي ئي ڪونه. ديوان لکي ٿو:

"اڄوڪي سمي ۾ سوامي دادوءَ جي ششن ۾ هن جهڙو ٻيو پرسد شش ڪونهي." (٣٤)

ديوان سان گڏوگڏ ٻين لکندڙن پڻ دادوءَ جو آخري آرامگاهه نراڻ Nairana کي ڄاڻايو آهي. البت ديوان هڪ هنڌ لکيو آهي ته، "دادوءَ جو مرتيو نراڻ کان ٽن چئن ڪوهن جي فاصلي تي پراو ٽڪريءَ تي ٿيو." انڪري ان ۾ ٿورو فرق محسوس ٿئي ٿو. البت دادوءَ جي پوئلڳن پاران ميلو نراڻ ۾ ڄاڻايو اٿس. دادوءَ جو مرتيو ديوان ڪوڙيمل ڦڳڻ مهيني جي چوٿين تاريخ لکيو آهي ۽ سندس جنم ڦڳڻ سڏي مهيني تي ٨ تاريخ تي ٿيو. ان لحاظ کان دادو پنٿي ڦڳڻ مهيني جي چوٿين تاريخ کان ميلو شروع ڪندا آهن ۽ ڏهين تاريخ تائين جاري رکندا آهن، جنهن ۾ سندس جنم ۽ وفات ٻئي ڏينهن ملهائجي ويندا آهن. ائين ٻارهين تاريخ تي روزو رکي ميلي جو خاتمو ڪندا آهن.

ڪتاب ۾ ديوان مهينن جا نالا ۽ ڳٽپ سنسڪرتي– هندي نموني آندي آهي. مثال طور مهينن جا نالا ڦڳڻ وغيره. ڳٽپ: چوٿ (چوٿين)، ٻارس (ٻارهو– ٻارهين)، اشتمي (اٺين)، ايڪادشي (يارهين) وغيره استعمال ڪيا آهن.

ديوان ڪوڙيمل مطابق دادو پنٿين جي ميمبرن يا ساٿين کي 'ساڌو' سڏيو ويندو آهي. گهڻن ساڌن جي ميڙ کي وري هڪ منڊلي يا جماعت ڪوٺبو آهي. انهن جماعتن جي اڳواڻ کي 'پنڊت' چيو ويندو آهي. اهڙين منڊلين جي ساڌن ۾ جيڪي نوان نوان داخل ٿيندا آهن، انهن مان هڪڙا تعليم پرائيندا آهن ته ٻيا وري ڀڄن (ڌرمي گيت) ڳائيندا آهن. اهڙيون منڊليون گهمنديون ڦرنديون رهنديون آهن. جتي جتي سنڌن مڃڻ وارا پيروڪار (ڀڳتي) هوندا آهن، انهن جي اصرار تي اتي رهي پوندا آهن. ائين انهن منڊلين جي ماني، دعوتون ٿينديون رهنديون آهن، جڏهن اهي ختم ٿينديون آهن، پوءِ اتان ٻئي پاسي ويندا آهن. ائين ديوان ڪوڙيمل دادوديال بابت ڪافي معلومات فراهم ڪئي آهي، جيڪا سنڌيءَ ۾ هن کان پهرين ڪنهن نه ڏني آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## نتيجا:

قاضي قادن جي مليل ڪلام جو سهرو به دادو ديال جي سر سونهين ٿو، جو سندس پوئلڳن اهو ڪلام سنتون ڪي واڻي ۽ ٻين گرنٿن مان ڳولي ڪڍيو. دادوءَ سنڌي ۾ قاضي قادن جي ڪلام جي ڏانوَ تي ڪلام چيو.

دادو ديال جو ذڪر شروعاتي ڇپيل سنڌي ادبي تاريخن ۾ ڪونه ٿو ملي، البت ڊاڪٽر بلوچ سندس ذڪر پهريون پيرو ڪيو، ۽ پوءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ڪيو.

ديوان ڪوڙيمل دادوديال جي رڳو زندگيءَ بابت ۽ سندس نالي پنيان جوڙيل پَنٿ تي لکيو آهي، پر ڊاڪٽر بلوچ سندس سنڌيءَ ۾ چيل شاعريءَ تي بحث ڪيو آهي. بقول ڊاڪٽر بلوچ جي ، هو سنڌي ٻولي ڄاڻندو هو ۽ سنڌ ۾ پڻ آيو هو.

سندس نالو ۽ سندس گهر وارن جا نالا سنڌين جي نالن سان مشابهت رکن ٿا.

دادوديال جي زندگيءَ بابت ذريعن جي شروعات کان وٺي سرسري جائزو ورتو ويو آهي.

ديوان ڪوڙيمل پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيترن ئي ڪتابن جو ذڪر ۽ سندس شاعريءَ جي گرنٿن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي.

## حوالا


١. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: (١٩٩٩ع)، ’قاضي قادن جو ڪلام‘ ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ، ڄامشورو، سنڌ. ص: ٣٤.
٢. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: (١٩٩٩ع) ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘ ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سنڌ. ص : ٢٩٦.
٣. ڪلناڻي، ڪوڙومل چندنمل، راء بهادر : (١٩١٤ع)، ’دادو سنت جو جيون چرتر‘ ، آر. ايچ آڏواڻي ائنڊ ڪو، اسٽينڊرڊ، پرنٽنگ، ورڪس حيدرآباد، سنڌ. ص : ٢٣.
٤. ساڳيو، ص : ٤٠-٤١.
5. www.google.books.files
٦. ڪلناڻي، ڪوڙومل چندنمل، راء بهادر: (١٩١٤ع)، ’دادو سنت جو جيون چرتر‘ ، آر. ايچ آڏواڻي ائنڊ ڪو، اسٽينڊرڊ، پرنٽنگ، ورڪس حيدرآباد، سنڌ. ص: ٤٣.
٧. ساڳيو، ص : ٤.
٨. www.hindugujrat.org.
٩. اصغر، راجيسور رائو : (١٩٩٧ع) ، ’هندي اردو لغت‘ ، انجمن ترقي اردو، پاڪستان ، ڪراچي، سنڌ. ص : ٣٠٤.
١٠. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر : (٢٠٠٥ع)، ’جامع سنڌي لغات‘ ، سنڌي ٻوليءَ جو باختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ. ص : ٨٨٢.







١١. اصغر، راجيسور رائو : (١٩٩٧ع) ، ’هندي اردو لغت‘ ، انجمن ترقي اردو، پاڪستان ، ڪراچي، سنڌ.ص : ٩٢٥.
١٢. سائل، ستراماداس سوپاسنگھ، جڙيا سنگهاڻي، پروفيسر: (٢٠٠٩)، ’سائل ڪوش‘ ، (هڪ جلدي)، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ. ص:٥٠٥.
١٣. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر : (١٩٩٩ع) ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘ ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سنڌ. ص: ٢٩٣.
١٤. ملڪ رحيم رضا زاده (مهتمم): ( ١٣٤٢هه ) ، ’دبستان مذاهب، شرڪت چاپ گلشن، تهران، تابستان.‘ ، ص: ١٩٣.
١٥. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: (١٩٩٩ع) ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘ ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سنڌ. ص : ٢٩٣.
١٦. ڪلناڻي، ڪوڙومل چندنمل، راء بهادر: (١٩١٤ع)، ’دادو سنت جو جيون چرتر‘ ، آر. ايچ آڏواڻي ائنڊ ڪو، اسٽينڊرڊ، پرنٽنگ، ورڪس حيدرآباد، سنڌ. ص : ٢٨.
١٧. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر: (٢٠٠٠ع)، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ ، جلد پهريون، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ. ص : ٧٠.
١٨. ١٨.سائل، ستراماداس سوپاسنگھ، جڙيا سنگهاڻي، پروفيسر: (٢٠٠٩ع)، ’سائل ڪوش‘ ، (هڪ جلدي)، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ. ص : ٧٠.
١٩. ڪلناڻي، ڪوڙومل چندنمل، راء بهادر : (١٩١٤ع)، ’دادو سنت جو جيون چرتر‘ ، آر. ايچ آڏواڻي ائنڊ ڪو، اسٽينڊرڊ، پرنٽنگ، ورڪس حيدرآباد، سنڌ. ص : ٨-٩.
٢٠. ساڳيو، ص : ٦ -٧.
٢١. داؤدپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، (٢٠٠٨ع) ، ’شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام‘ ، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت ڪراچي،سنڌ. ص:٦٥.
٢٢. ڪلناڻي، ڪوڙومل چندنمل، راء بهادر: (١٩١٤ع)، ’دادو سنت جو جيون چرتر‘ ، آر. ايچ آڏواڻي ائنڊ ڪو، اسٽينڊرڊ، پرنٽنگ، ورڪس حيدرآباد، سنڌ.ص : ٥ - ٦.
٢٣. ساڳيو ، ص :٢٥ - ٢٦.
٢٤. (www.kabirsahib.jagatgururampalji.org)
٢٥. (www.google.books.files
٢٦. ڪلناڻي، ڪوڙومل چندنمل، راء بهادر : (١٩١٤ع)، ’دادو سنت جو جيون چرتر‘ ، آر. ايچ آڏواڻي ائنڊ ڪو، اسٽينڊرڊ، پرنٽنگ، ورڪس حيدرآباد، سنڌ. ص: ١٠ -١١.
٢٧. ساڳيو، ص : ١٠ -١١.
٢٨. ساڳيو، ص : ٩-١٠.
٢٩. ساڳيو، ص : ١٣.
٣٠. ساڳيو، ص : ١٣.
٣١. ساڳيو، ص : ١٣.
٣٢. ساڳيو، ص : ١٢.
٣٣. ساڳيو، ص :١٢-١٣.
٣٤. ساڳيو، ص : ٢٩-٣٠.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair